


# ولايت ۽ خلافت
# (قرآن پاڪ جي روشني ۾)

ليکڪ:
آيت الله العظمیٰ ناصر مڪارم شيرازي دامت برڪاتہ

سنڌيڪار:
مداح حسين مخلصي (رند)

Al-Mustafa International
Translation and Publication Center

# ناشر پاران

عظيم اسلامي انقلاب جي ڪاميابي ۽ رابطن جي جهاني ٿيڻ کان پوءِ، انساني علوم جي ميدان ۾ نوان نوان سوال ۽ شڪ شبها مسلمان مفڪرن آڏو پيش ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي هن زماني ۾ حڪومت لاءِ سنگين ذميواري جو سبب بڻجي رهيا آهن. اهو زمانو جيڪو ملڪن جي همہ گير سرپرستي ڪرڻ ۾ دين ۽ سنت جي پابندي ڪي تمام سخت بڻايو ڇڏي. ان ڪري اڄ ڪلھ جون تحقيقون جامع، منظم، ديني ميدان ۾ ڪارائتيون، دنيا جي معتبر معيارن ۽ خالص ۽ اونهي فڪرن تي مشتمل هجڻ گهرجن ۽ ديني ميدان ۾ تحقيق ڪندڙ حضرات جي فڪري ۽ تربيتي انحراف کان روڪٿام، هڪ اهم ڪم جي عنوان سان ۽ هن شجره طيبہ جي باني حضرات خاص طور تي عظيم اسلامي انقلاب جي باني امام خميني (قدس سره) ۽ رهبر معظم انقلاب جي خاص عنايت تحت هجي.

ثقافتي ۽ رابطاتي ميدانن ۾ مغرب جي ثقافتي تسلط جي پکڙجڻ ۽ انهن جي جهاني ٿيڻ جي اها تقاضا آهي تہ هن مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ حضرات ۽ شاگرد، بلند فڪرن ۽ قيمتي معيارن کان آگاهہ ٿين ۽ اهو ڪم اسپيشل سبجيڪٽن ڪي وجود ۾ آڻڻ، نون ۽ بي نياز ڪندڙ مواد ڪي تدوين ڪرڻ، تعليم ۽ شاگردن جي لاءِ آماده ٿيل تربيت جي دامن ڪي وسعت ڏيڻ سان ئي پڄاڻي تي پهچندو. اها مهم ڪڏهن بنيادي مسئلن ڪي چيڙڻ ۽ ڪڏهن اسپيشل مواد ڪي تدوين ڪرڻ سان سجاتي وڃي ٿي تہ ڪڏهن وري علمي بحثن ڪي آسان ۽ عام فهم زبان ۾ سهيڙڻ سان سامهون اچي ٿي.

تعليمي مرڪز رڳو منظم، قانوني ۽ جديد طرز مطابق تعليمي نظام جي سائي هيٺ ئي پروان چڙهي سگهن ٿا. سڪيا جي مواد ۽ تعليمي ۽ تحقيقاتي طريقہ ڪارن تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ انهن ڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق پيش ڪرڻ پڻ ان نظم ۽ نواڻ ۽ نتيجي طور تعليمي ۽ تحقيقي مرڪزن جي علمي ترقي جو سبب ٿئي ٿو.

”جامعہ المصطفیٰ العالميہ“ (المصطفیٰ انٽر نيشنل يونيورسٽي) قم المقدس ان اهم ڪم جو حصو بڻجي، غير ايراني طالبعلمن جي تعليم ۽ تربيت جي عظيم ذميواري سنڀاليندي مناسب تعليمي مواد جي تاليف ڪي پنهنجو مقصد بڻايو آهي ۽ ديني علوم جي مختلف سبجيڪٽن ۾ درسي مواد ڪي لکڻ ۽ نشر ڪرڻ ان مهم جو نتيجو آهي.

انٽر نيشنل المصطفیٰ صلی اللہ علیہ وآلہ
ترجمہ ونشر مرڪز

# فهرست


ٻہ اکر ........................................ ١٥
مقدمو ........................................ ١٩
نکتو ........................................ ٢١

باب پهريون: مسلمانن جي سرواڻي ۽ خلافت جون آيتون

1. آيت تبليغ ........................................ ٢٥
مٿاڇري نظر ........................................ ٢٥
تفسير ۽ وضاحت ........................................ ٢٦
جانشين جي چونڊ رسالت جي پڄاڻي ........................................ ٢٦
پهريون طريقو: ٻين شاهدن کان سواءِ آيت جو تفسير ........................................ ٣٠
ٽين نشانين جو ولايت جي مسئلي جي مطابق هجڻ ........................................ ٣٢
ٻيو طريقو: روايتن جي روشنيءَ ۾ هن آيت جو تفسير ........................................ ٣٤
هن آيت جا پيغام ........................................ ٣٧
1. غدير جو واقعو ........................................ ٣٨
2. غدير جي روايتن جو مضمون ........................................ ٣٩
بحث جي پڄاڻي ........................................ ٤٦
1. حديث غدير ۾ ولايت ۽ مولا جو تفسير ........................................ ٤٦
2. سورت معارج منجهان چند آيتون غدير جي واقعي جي تائيد کن ٿيون ........................................ ٤٩
3. هن آيت جو اڳين ۽ پوين آيتن سان ڪهڙو تعلق آهي؟ ........................................ ٥٥
2. آيت اڪمال دين ........................................ ٥٧
مٿاڇري بحث ........................................ ٥٧
تفسير ۽ وضاحت ........................................ ٥٨

دين جو ڪامل ۽ نعمتن جي تمام ٿيڻ جو ڏينهن ..... ٥٨
اهو ڏينهن ڪهڙو ڏينهن هو؟ ..... ٥٩
پهريون طريقو: بغير خارجي قرينن جي، آيت جو تفسير ڪرڻ ..... ٥٩
اڪمال دين (دين جي مڪمل ٿيڻ) مان مراد ڇا آهي؟ ..... ٦٣
ٻيو طريقو: آيت جي تفسير روايتن جي روشنيءَ ۾ ..... ٧١
«آلوسي» کان هڪ عجيب ڳالهه ..... ٧٦
آيت جا پيغام ..... ٧٧
1. ولايت، دشمنن کي مايوس ڪندڙ ..... ٧٧
2. ولايت جي سايي ۾ دين جو پورو ۽ نعمت جو ڪامل ٿيڻ ..... ٧٨
پڄاڻي ..... ٧٩
1. اسلام جو بنيادي ترين مسئلو، ولايت آهي ..... ٧٩
2. ولايت جا ٻه طرف آهن ..... ٨٠
3. آيت ولايت ..... ٨٣
مٿاڇري بحث ..... ٨٣
وضاحت ۽ تفسير ..... ٨٤
ولي جو نشانيون ..... ٨٤
پهريون طريقو: حديثن کان بغير آيت جو تفسير ..... ٨٥
قرآن پاڪ ۾ «ولي» جو استعمال ..... ٨٦
زير بحث آيت ۾ «ولي» مان مراد ..... ٨٩
«الذين آمنوا... راڪعون» جو مصداق ڪير آهي؟ ..... ٩١
ٻيو طريقو: هن آيت جي تفسير حديثن ذريعي ..... ٩١
ٻن نڪتن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ..... ٩٥
بهانا ۽ اشڪال ..... ٩٧
پهريون اشڪال: انما حصر «مطلب کي محدود ڪرڻ» جي معنىٰ ۾ نہ آهي! ..... ٩٨
ٻيو اشڪال: منڊي عطا ڪرڻ فعل ڪثير آهي! ..... ٩٩
ٽيون اشڪال: منڊي تمام قيمتي هئي؟ ..... ١٠٠
چوٿون اشڪال: هيءُ ڪم حضور قلب سان نٿو نهڪي! ..... ١٠٢
پنجون اشڪال: هن آيت ۾ سڀ جون سڀ ضميرون جمع ڇو آهن؟ ..... ١٠٣
ڇهون اشڪال: پيغمبرﷺ جي حياتي ۾ عليؑ جي ولايت جي معنىٰ ڇا آهي؟ ..... ١١٣

ستون اشڪال: زڪات منجهان ڇا مراد آهي؟ ١١٥
تمام اهم نڪتو ١١٩
آيت ولايت جا پيغام ١٢٠
4. آيت اولي الامر ١٢٣
مٿاڇري بحث ١٢٣
تفسير ۽ وضاحت ١٢٤
اولي الامر ڪير آهن؟ ١٢٤
اوليٰ الامر جي اطاعت جو دائرو ١٢٥
اولوا الامر متعلق مختلف نظريا ١٢٦
روايتن تحت آيت جو تفسير ١٣٢
حديث ثقلين جي اهميت ١٣٣
سوال ۽ جواب ١٣٩
غزوه تبوڪ ١٤١
آيت جا پيغام ١٤٦
5. آيت صادقين ١٥١
مٿاڇري بحث ١٥١
سورت توبہ جو مختصر تعارف ١٥١
وضاحت ۽ تفسير ١٥٥
صادقين ڪير آهن؟ ١٥٦
اهل سنت جي دانشورن جو نظريو ١٥٨
قرآن جي ٻين آيتن سان آيت صادقين جو تفسير ١٦٠
روايتن جي نگاهہ ۾ صادقين ١٦٩
آيت صادقين جا پيغام ١٧١

## ٻيو باب: اهلبيتعليهم السلام جي فضائل ۾ آيتون

1. آيت تطهير ١٧٧
مٿاڇري بحث ١٧٧
مقدمو ١٧٧
وضاحت ۽ تفسير ١٧٨
آيت تطهير، عصمت تي چٽي دليل! ١٧٨
«اهل بيت» ڪير آهن؟ ١٨٥
ڪجهہ سوالن جا جواب ١٩٥

2. آيت موّدت ........ ١٩٩
متاڇري بحث ........ ١٩٩
گذريل آيتن جو سير ........ ١٩٩
وضاحت ۽ تفسير ........ ٢٠٢
اهل بيت سان موّدت، رسالت جو اجر ........ ٢٠٢
قربىٰ ڪير آهن؟ ........ ٢٠٣
شيعن وٽ «قربىٰ» جو تفسير ........ ٢٠٦
«قربىٰ» متعلق اهل سنت جا رايا ........ ٢٠٦
نہ چاهيندي اعتراف ........ ٢٠٩
امام صادقؑ جي قول ۾ مودت جو تفسير ........ ٢١۴
آيت مودت جي تفسير روايتن جي سايي ۾ ........ ٢١٦
ڪجهہ اهم نڪتا ........ ٢٢١
آيت مودت جا پيغام ........ ٢٢٣
محبت جا رتبا ۽ مرحلا ........ ٢٢۵
خالص عاشق ميثم تمار ........ ٢٢٦
3. آيت مباهلہ ........ ٢٢٩
متاڇري بحث ........ ٢٢٩
مقدمو ........ ٢٣٠
1. آخري حربو مباهلو ........ ٢٣٠
2. مباهلہ جي معنىٰ ڇا آهي؟ ........ ٢٣٠
وضاحت ۽ تفسير ........ ٢٣١
مباهلہ جي دعوت ........ ٢٣١
ڇا مباهلو انجام ٿيو؟ ........ ٢٣٢
ابنائنا، نسائنا ۽ انفسنا مان مراد ڪير آهن؟ ........ ٢٣٦
4. آيات سورت دهر ........ ٢۴١
متاڇري بحث ........ ٢۴١
شان نزول ........ ٢۴٢
وضاحت ۽ تفسير ........ ٢۴۵
اهل بيتؑ جون پنج خصوصيتون ........ ٢۴۵
1. واعدي کي پورو ڪرڻ ........ ٢۴۵
2. قيامت کان خوف ........ ٢۴٧

3. محتاجن تائين پهچ ........ ٢٤٧
4. اخلاص ........ ٢٤٩
5. الله جو خوف ........ ٢٥٠
اجر واريون آيتون ........ ٢٥٠
دنيا ۽ آخرت جي اجر جي پاڻ ۾ ڀيٽ! ........ ٢٥١
بهشت جون ٻارهن نعمتون ........ ٢٥٢
شراب طهور ڇا آهي؟ ........ ٢٥٧
ڪجهه بهانا ۽ انهن جو جواب ........ ٢٥٩
1. سورت انسان مڪي آهي! ........ ٢٥٩
2. جيڪو چراغ گهر لاءِ واجب هجي ته اهو مسجد لاءِ حرام آهي! ... ٢٦٣
3. سورت دهر جون آيتون عام آهن يا خاص؟ ........ ٢٦٦
آيت جا پيغام ........ ٢٦٧
1. محتاجن جي مدد ڪرڻ جي اهميت ........ ٢٦٧
2. عمل جي گهٽائي معيار نه آهي! ........ ٢٧٠
3. سورت دهر جي آيتن جو شاعرن جي شعرن ۾ پيش ٿيڻ ........ ٢٧١
5. آيت توبه آدم ........ ٢٧٣
متاچري بحث ........ ٢٧٣
وضاحت ۽ تفسير ........ ٢٧٣
الله جي طرف موٽ ........ ٢٧٣
حضرت آدم ۽ حوّاؑ جي قصي مان سبق ........ ٢٧٤
حضر آدم جو توسل! ........ ٢٧٧
«ڪلمات (لفظ)» ڇا هئا؟ ........ ٢٧٨
ڇا توسل شرعي حيثيت رکندو آهي؟ ........ ٢٨٣
توسل جا قسم ........ ٢٨٣
توسل جا مختلف قسم آهن ........ ٢٨٣
توحيد جي تفسير ۽ ان جو عظيم مقام ........ ٢٨٥
توحيد جا قسم ........ ٢٨٦
اشاعره ۽ توحيد افعالي جو غلط تفسير! ........ ٢٨٨
ڇا توسل، توحيد سان سازگار آهي؟ ........ ٢٩١
قرآن ۾ توسل ........ ٢٩٤
مرڻ ڪان پوءِ قابل احترام شخصيتن سان توسل ڪرڻ ........ ٢٩٦

روايتن ۾ توسل ............................................ ۲۹۷
الله کان سواءِ عبادت جائز آهي يا نہ؟............................ ۳۰۱

**باب ٽيون: صرف، عليؑ جي فضائل ۾ آيتون**

1. آيت ليلة المبيت............................................ ۳۰۷
متاچري نظر............................................ ۳۰۷
شان نزول............................................ ۳۰۷
اهل سنت جي دانشورن جا اعتراف............................................ ۳۱۰
وضاحت ۽ تفسير............................................ ۳۱۱
بي مثال واپار............................................ ۳۱۱
الله سان واپار............................................ ۳۱۲
انهن ٽن واپارن جي پاڻ ۾ ڀيٽ............................................ ۳۱۴
ٻي ڀيٽ............................................ ۳۱۵
آيت ليلة المبيت ۾ تعبير ڏي توجهہ............................................ ۳۱۶
ليلة المبيت جي آيت جو گذريل آيتن سان رابطو............................................ ۳۱۷
آيت ليلة المبيت جو ولايت اميرالمؤمنينؑ سان مربوط هجڻ............ ۳۱۹
ڪجهہ بي بنياد اشڪالن جا جواب............................................ ۳۲۰
1. آيت ليلة المبيت امربالمعروف ڪندڙن سان مربوط آهي!............ ۳۲۰
2. زير بحث آيت ابوذر جي باري ۾ آهي!............................................ ۳۲۱
3. هيءَ آيت مڙني مهاجرن ۽ انصارن جي باري ۾ آهي!............ ۳۲۲
4. عليؑ کي اها خبر هئي تہ زنده رهندو يا نہ؟............ ۳۲۲
5. پيغمبرﷺ جا مخاطب ڪير هئا؟............................................ ۳۲۴
پڄاڻي............................................ ۳۲۵
1. حضرت عليؑ جي قرباني جي وصف ۾ حسان بن ثابت جا شعر ۳۲۵
2. عليؑ لاءِ هن يادگار رات جي پڄاڻي!............................................ ۳۲۷
3. الله عليؑ جي قرباني تي افتخار ڪري ٿو!............................................ ۳۲۹
آيت جو پيغام............................................ ۳۳۰
سڀ شيءِ الله جي رضايت جي راهہ ۾............................................ ۳۳۰
2. آيت سقاية الحاج............................................ ۳۳۱
متاچري نظر............................................ ۳۳۱
شان نزول............................................ ۳۳۲

اهم نڪتو! ........ ٣٣٦
وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٣٦
الله تي ايمان، هر شي کان وڌيڪ آهي ........ ٣٣٦
آيت سقاية الحاج جو ولايت سان رابطو ........ ٣٣٨
اهلسنت منجهان هڪ عالم جو اعتراف! ........ ٣٣٩
آيت جو پيغام ........ ٣٤٠
دين جي وڌن جي عملي پيروي ڪجي ........ ٣٤٠
پڇاڙي ........ ٣٤٣
1. عليﷺ جو قرآن ۾ نالو ڇو نہ آيو آهي؟ ........ ٣٤٣
2. پيغمبرﷺ منافقن کي نابود ڇو نہ ڪيو؟ ........ ٣٤٤
3. آيت نصرت ........ ٣٤٧
متاڇري نظر ........ ٣٤٧
وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٤٨
پوري طاقت سان تياري ........ ٣٤٨
مؤمن ڪير آهن؟ ........ ٣٥١
آيت جو پيغام ........ ٣٥٥
اسلام جو دفاع پوري قدرت سان ........ ٣٥٥
4. آيت علم الڪتاب ........ ٣٥٧
متاڇري نظر ........ ٣٥٧
ڪنهن بہ شيءِ کي دليل کان بغير نہ قبوليو! ........ ٣٥٨
وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٦٠
نبوت جا شاهد ........ ٣٦٠
الله جي شهادت ڪيئن آهي! ........ ٣٦٠
«من عنده علم الڪتاب» ڪير آهي؟ ........ ٣٦١
عليؑ ڪيئن شاهد آهن! ........ ٣٦٣
آصف بن برخيا ۽ علي بن ابي طالبؑ جي پاڻ ۾ ڀيٽ ........ ٣٦٦
5 ۽ 6. آيت مؤذن ۽ آيت اذان ........ ٣٦٩
متاڇري نظر ........ ٣٦٩
سورت اعراف جي آيت44 جي وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٧٠
بهشتين ۽ جهنمين جي گفتگو ........ ٣٧٠
مؤذن ڪير آهي؟ ........ ٣٧٤

مؤذن هجڻ بہ ڪو افتخار شمار ٿئي ٿو ........ ٣٧٥
سورت توبہ جي آيت3 جي وضاحت ۽ تفسير........ ٣٧٦
ٿورڙو اختلاف........ ٣٧٩
وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٨٠
مشرڪن کي سنجيده چتاءُ........ ٣٨٠
ڇا اها ذميواري فضيلت آهي؟........ ٣٨٣
«آذان» ۽ «مؤذن» جو پاڻ ۾ رابطو........ ٣٨٤
سورت برائت جي آيتن جي ذميواري کي تبديل ڪرڻ جي حڪمت ........ ٣٨٦
7. آيت محسنين ........ ٣٨٩
مٿاڇري نظر........ ٣٨٩
وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٩٠
سڀ کان وڏيڪ ظالم انسان........ ٣٩٠
«سچو ڪلام آڻيندڙ» ۽ «تصديق ڪندڙ» ڪير آهي؟........ ٣٩٣
فقط، فخر رازي مخالف!........ ٣٩٥
8. پهريان قدم رکڻندڙ........ ٣٩٧
مٿاڇري نظر........ ٣٩٧
وضاحت ۽ تفسير ........ ٣٩٨
اسلام ۾ پهريان قدم رکڻندڙ ........ ٣٩٨
پهريون مسلمان مرد........ ٤٠٢
بالغ ٿيڻ کان پهرين ايمان آڻڻ جي اهميت! ........ ٤٠٧
«اوّل المؤمنين» هڪ وڏو مرتبو!........ ٤١٢
آيت جو پيغام ........ ٤١٥
عمل جو مقدمو، فضائل کي سجاڻڻ! ........ ٤١٥
9. محبّت واري آيت ........ ٤١٩
مٿاڇري نظر........ ٤١٩
رهبرن جو سرمايو، دلين تي راڄ ........ ٤١٩
وضاحت ۽ تفسير ........ ٤٢١
ايمان ۽ عمل صالح جو دلين تي راڄ سان رابطو ........ ٤٢١
آيت محبّت جو شان نزول ........ ٤٢٣
هن آيت جون ٻيون تفسيرون ........ ٤٢٦
آيت جو پيغام ........ ٤٢٧
شيعہ نوراني چراغ........ ٤٢٧

پڇاڙي ..................... ۴۲۸
1. سيني جي دلين تي راڄ ..................... ۴۲۸
2. عمل صالح وسيع آهي ..................... ۴۳۱
10. آيت سابقون ..................... ۴۳۳
مٿاڇري نظر ..................... ۴۳۳
سورت واقعہ جو مضمون ..................... ۴۳۳
وضاحت ۽ تفسير ..................... ۴۳۵
سا بقون ڪير آهن؟ ..................... ۴۳۵
علي عليه السلام سابقون جو پوري جو پورو مصداق! ..................... ۴۳٦
سابقون جي تفسير پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله جي زبان سان ..................... ۴۳۹
11. آيت اذن واعيہ ..................... ۴۴۳
مٿاڇري بحث ..................... ۴۴۳
تفسير ۽ وضاحت ..................... ۴۴۳
پيغمبرن جا داستان ..................... ۴۴۳
«أُذُن واعيہ» ڪير آهي؟ ..................... ۴۴٦
شيخ روزبهان جي ڪلام ۾ تضاد ..................... ۴۴۸
فخر رازي جو عمده نڪتو ..................... ۴۴۹
حق علي سان ۽ علي حق سان آهي! ..................... ۴۵۰
پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله جي علي عليه السلام جي حق ۾ دعا ..................... ۴۵۱
علي عليه السلام بهترين قاضي! ..................... ۴۵۲
12. سٽريل مؤمنن واري آيت ..................... ۴۵۵
مٿاڇري نظر ..................... ۴۵۵
شان نزول ..................... ۴۵٦
وضاحت ۽ تفسير ..................... ۴۵۷
نبي اڪرم صلي الله عليه وآله جا مدد گار ..................... ۴۵۷
صالح المؤمنين ڪير آهي؟ ..................... ۴٦۱
آيت مان سمجهاڻي ..................... ۴٦۵
13. آيت انذار ۽ هدايت ..................... ۴٦۷
مٿاڇري نظر ..................... ۴٦۷
وضاحت ۽ تفسير ..................... ۴٦۷
وري ڪونہ ڪو بهانو! ..................... ۴٦۷

آيت جي شروعات ۽ پڇاڙي ۾ مناسبت ۴٦٨
«منذر» ۽ «هادي» ڪير آهن؟ ۴٧١
پهريون طريقو: آيت جي تفسير روايتن کان هٽي ڪري ۴٧٢
ٻيو طريقو: آيت جو تفسير روايتن تحت ۴٧۴
آيت ولايت ۽ انذار جا پيغام ۴٧٧
1. ساڙ ۽ ضد ٻه وڏا عيب! ۴٧٨
2. هادي کان هدايت وٺڻ يا اقتدا ڪرڻ ۴٨٠
14. خيرالبريہ واري آيت ۴٨۵
مٿاڇري نظر ۴٨٦
وضاحت ۽ تفسير ۴٨٦
بهترين ۽ بدترين مخلوقات! ۴٨٦
خير البريہ روايتن جي روشني ۾ ۴٩٠
آيت خيرالبريہ جا پيغام ۴٩٦
1. اسلام، اهميت جو نظام ۴٩٦
2. تشيع جي پيدائيش جي تاريخ ۴٩٩
15. (آيت حڪمت) حڪمت واري آيت ۵٠۵
مٿاڇري نظر ۵٠۵
وضاحت ۽ تفسير ۵٠٦
حڪمت، هڪ وڏو خير! ۵٠٦
علي عليہ السلام صاحب حڪمت! ۵٠٧
وڏي پيماني تي حضرت علي عليہ السلام جي علم جي پکيڙ ۵٠٩
1. امام علي عليہ السلام جي علمي مرڪزيت ۵١٠
2. امام علي عليہ السلام پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وآلہ جي علم جو دروازو ۵١١
3. امام علي عليہ السلام ۽ علم تفسير ۵١٢
4. امام علي عليہ السلام علم نحو جو باني ۵١٢
5. امام علي عليہ السلام ۽ علم ڪلام ۵١٢
6. امام علي عليہ السلام ۽ علم فقہ ۵١٣
7. امام علي عليہ السلام ۽ علم حقيقت (علم باطن) ۵١٣
8. امام علي عليہ السلام ۽ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وآلہ جي خلافت ۵١۴
مددي ڪتاب ۵١٧

# ٻہ اکر

سڀ واکاڻون ان الله کي جڳائين جنهن هن دنيا کي اهڙي سهڻي انداز ۾ خلقيو ۽ درود و سلام هجي ان پاڪ هستيءَ تي جنهن پنهنجي تبليغ سان اسان کي هن دنيا تي زندگي گهارڻ جا سبق سيکاريا ۽ سلام ۽ صلوات هجي انهن پاڪ هستين تي جن نبي پاڪﷺ جي واٽ کي پنهنجي هدايت جي نور سان نوراني رکيو تہ جيئن ڪمال جا پانڌيئڙا ان واٽ تي هلندي حقيقي ڪمال تائين پهچي سگهن.

هيءُ ڪتاب، جيڪو توهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، حقيقت اها آهي تہ بنده حقير جڏهن ايران ۾ قدم رکيو تہ اها سال 2002 جي شروعات هئي ۽ سائين آيت الله العظمىٰ ناصر مڪارم شيرازي «مدظلہ العالي» جي انهن تقريرن جون ڳالهيون قم جي طالب علمن جي درميان ۾ هيون تہ سائين تمام گهڻي محنت ۽ شوق سان انهن تقريرن کي تيار ڪري رمضان شريف ۾ بيان ڪيو هو. سائين سڀ درس مولا اميرالمؤمنين عليؑ جي ولايت ۽ خلافت جي دليلن بابت بيان ڪيا هئا.

بهرحال ڪجھ ئي عرصي ۾ اهو مواد هڪ بهترين ڪتاب جي شڪل ۾ بازار ۾ اچي ويو، جڏهن هيءُ ڪتاب منهنجي نظرن مان گذريو تہ، تنهن وقت کان ان جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو، ڪجھ وقت پهرئين مدرسہ حجتيہ جي تحقيقاتي

بورڊ جي ذريعي ان ڪتاب جي سنڌي زبان ۾ ترجمي جي خواهش ظاهر ڪندي پيشڪش ڪيم تہ جامعة المصطفیٰ العالميہ جي تحقيقاتي بورڊ جي عهديدارن ان ڪي قبوليت جي موٽ ڏني ۽ پنهنجي دلي خواهش کي پورو ٿيندي، ڏسي ان جي ترجمي جو ڪم شروع ڪيم ۽ الحمدللّٰه ڪجھ مهينن جي اندر هن ڪتاب جو ترجمو پڄاڻي تي پهتو، جيڪو تمام مفيد مطلبن تي مشتمل آهي.

خاص ڪري هي ڪتاب مولا عليعليه‌السلام جي فضيلتن ۽ ولايت جي بحثن سان ڀريل آهي. جيئن تہ ولايت ئي اسلام جي بقا جي ضامن ۽ رسالت جي واٽ تي سَهائو ڪندڙ آهي ۽ انسان جيڪڏهن ولايت جو حقيقي پيروڪار بڻجي وڃي تہ پالڻهار جي حقيقي قرب کي حاصل ڪري سگهي ٿو.

روايتن ۾ ان مطلب ڏانهن اشارو ٿيل آهي تہ امام عليعليه‌السلام جي ولايت کان سواءِ ڪا بہ عبادت ڌڻيءَ در قبول نہ آهي؛ يعني: مڙني عبادتن جي قبوليت جو شرط امير المؤمنين عليعليه‌السلام جي ولايت آهي. مولا جي ولايت اهو ڪوٽ آهي جنهن ۾ داخل ٿيڻ وارو نپائڻهار جي ڏمر ۽ عذاب کان آجو ٿيو وڃي ۽ ولايت جي رنگ سان رنڱجي جلد راضي ٿيڻ واري رب جي رضا کي حاصل ڪريو وڃي.

ولايت جي واٽ تي هلڻ لاءِ ضروري آهي تہ انسان بغض ۽ تعصب جي عينڪ لاهي ولايت بابت بيان ٿيل بحثن کي چڱي نموني پڙهي. هيءُ ڪتاب ان واٽ تي هلڻ لاءِ سنو مددگار آهي، پر شرط اهو آهي تہ جيڪڏهن بغير ڪنهن تعصب جي هن ڪتاب جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ ان جي دليلن ۾ غور ۽ فڪر ڪيو وڃي تہ اميد آهي، ڪتاب کي پڙهندڙ مولا عليعليه‌السلام جي ولايت جو پيروڪار ٿي ويندو ۽ جيڪو پهريان کان پيروڪار آهي ان جو ولايت تي ايمان اڃان وڌيڪ مضبوط ۽ پختو ٿي ويندو.

آخر ۾ پنهنجي گهر وارن ۽ انهن سيني دوستن جو شڪر گذار آهيان جن هن ڪاوش ۾ حقير جي مدد فرمائي ۽ دعاڳو آهيان تہ سنسار کي جوڙيندڙ رب اسان جي هن ننڍڙي ڪاوش کي پنهنجي دربار ۾ قبول فرمائي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ولايت جي نور جو سهائو نصيب فرمائي.

آمين يا رب العالمين
مداح حسين مخلصی (رند)
حوزه علميه قم مقدس ايران

# مقدمو

1379 هجري شمسي،[1] جو سال اميرالمؤمنين علي ابن ابي طالبؑ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو؛ ڇو جو هن سال جي شروعات، 06/01/1379 ڇهه فروردين (سال جو پهريون مهينو)، عيد سعيد غدير خم هئي ۽ انهيءَ سال جي آخر ۾ به 24/12/1379 چوويهه اسفند (سال جو آخري مهينو)، عيد سعيد غدير خم جو ڏينهن هو، انهي ڪري هن سال جو نالو مولا عليؑ جي نالي مبارڪ سان رکيو ويو.

مولاؑ ڪي مڃڻ وارن ۽ محبن لاءِ اهو تمام گهڻو آسان هو ته

1. هجري شمسيءَ جو سال ايران، افغانستان ۽ ٻين فارسي ملڪن ۾ هلندو آهي، انهيءَ سال جون تاريخون به انگريزي وانگر هونديون آهن؛ يعني: اهو سال 365 ڏينهن ۽ ڪجهه ڪلاڪن جو هوندو آهي، فرق رڳو اهو آهي ته هن سال جي شروعات 21 مارچ کان ٿيندي آهي، جنهن ڏينهن کي نوروز چيو ويندو آهي ۽ تقريبا ويهه مارچ سال جو آخري ڏينهن هوندو آهي، ايران ۾ انقلاب اسلامي اچڻ کان بعد خصوصا رهبر معظم علي خامنہ اي «دامت برڪاتہ» جي زماني ۾ هر سال جو نالو رکيو ويندو آهي ۽ اهو به سائين پاڻ سال جي تبديل ٿيڻ وقت نئين سال جي پيغام ۾ اعلان ڪندا آهن.
انهيءَ ڪري اهو سال جيڪو مٿي ذڪر ٿيو آهي جنهن جي شروعات به غدير سان ٿي ۽ انتها به غدير سان ٿي اهو سن 2000 جي مارچ کان 2001 جي مارچ تائين هو، تنهن مطابق 25 مارچ 2000 سال ۾ غدير جو ڏينهن هو ۽ 14 مارچ 2001 به غدير جو ڏينهن هو. (سنڌيڪار)

اهي سندن فضيلتن، ڪمالن، سيرت، قولن، سرواڻي، اخلاق ۽ سندن تمام رخن جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هن سال ۾ مختلف پروگرام رکن. انهيءَ ڪري حضرت آيت الله العظمیٰ مڪارم شيرازي «مدظله» گذريل سالن وانگر هن سال به رمضان المبارڪ ۾ روزانو نماز ظهرين کان پوءِ تفسيري گفتگو ڪيائون، اميرالمؤمنين عليعليه‌السلام جي نالي تيل سال ۽ رمضان المبارڪ مهيني جي مناسبت سان، جيڪو قرآن پاڪ جو مهينو آهي ۽ سندن شهادت به انهيءَ مهيني ۾ ٿي آهي، انهن سيني نڪتن کي نظر ۾ رکندي «اميرالمؤمنينعليه‌السلام جي ولايت ۽ خلافت جي آيتن» جي تفسيري بحث شروع ڪيائون، جيڪا تفسيري گفتگو سان گڏ اميرالمؤمنين عليعليه‌السلام جي ولايت جي باري ۾ پڻ بحث هئي ۽ سال جي نالي مطابق به گفتگو هئي ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني مطابق به هئي جيڪو قرآن پاڪ جي نزول جو مهينو هو.

اميد اها آهي ته قرآن ۽ هن جي حقيقي مفسر اميرالمؤمنينعليه‌السلام جي برڪت سان، ايمان جو نور ڏينهن و ڏينهن اسان جي دلين ۾ تمام گهڻو روشن ۽ چٽو ٿئي، ته جيئن نه رڳو اسان جي هدايت جو باعث بڻجي، بلڪ انهيءَ نور سان ٻيا به هدايت حاصل ڪن.

***

## هيءُ ڪتاب

الحمدلله جيڪي به وڻندڙ، مناس ۽ حقيقت سان ڀريل بحثون انهن جلسن ۾ بيان ٿيون انهن کي گڏ ڪري ۽ انهن جي حوالن بابت تحقيق ۽ جيڪي مختصر بحثون هيون انهن جي ڪجهه وڌيڪ وضاحت ۽ انهي تقريرن کي قلمي صورت ۾ آڻڻ ۽ اهڙن بين ضروري ڪمن کان پوءِ هن شڪل ۾ ڇپائي جي زيور سان سنواريو ويو.

**نڪتو**

1. شايد اهو سوال پيدا ٿئي ته پيام قرآن جو جلد9 جيڪو امامت ۽ ولايت جي باري ۾ لکيل آهي ۽ وري تفسير نمونه ۾ ولايت جي آيتن جي ذيل ۾ تقريباً مفصل بحث ڪئي وئي آهي، ته پوءِ هن ڪتاب جي نشر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

پر ان ڳالهه ڌانهن ڌيان ڏيندي ته جيڪي بحث هن ڪتاب ۾ بيان ڪيا ويا آهن اهي بحث انهن ٻنهي ڪتابن کان وڌيڪ وضاحت ۽ تفصيل وارا آهن ۽ ٻيو اهو ته اڄڪلهه جي ضرورت ۽ انهن آيتن جي اهم پيغامن جي اعتبار سان به جيڪي هن ڪتاب ۾ بيان ڪيا ويا آهن، بنا ڪنهن شڪ جي اڄڪلهه جي معاشري ۾ انهيءَ جي سخت ضرورت آهي، ٽيون اهو ته ڪي اهڙا نوان مطلب به هن ڪتاب ۾ آهن جيڪي مذڪوره ٻن ڪتابن ۾ نه آيا آهن، انهن بحثن کي ڪتابي صورت ۾ نشر ڪرڻ لازمي سمجهيو پئي ويو.

2. قرآن مجيد هميشه تازگيءَ سان آهي ۽ هر زماني لاءِ نوان پيغام ۽ مطلب رکندو آهي: تنهن ڪري انهيءَ قيمتي ۽ هميشه رهڻ واري ڪتاب جي آيتن لاءِ جيڪي تفسيرون لکيون ويون آهن رڳو انهن تي اڪتفاء نه ڪرڻ گهرجي، بلڪه لازمي آهي ته گذريل بزرگن جي تفسيرن جي مدد سان ۽ انهن جي جاکوڙ جو قدر ڪندي، تمام گهڻي مطالعي ۽ وسيع تحقيقن سان خاص طور تي نئين ٽيڪنالوجي اوزارن سان ان ڪم کي جاري رکيو وڃي ۽ انهن تحقيقن جو نتيجو چاهيندڙن جي اختيار ۾ قرار ڏنو وڃي.

3. ولايت ۽ خلافت جي آيتن کي هن ڪتاب ۾، ٽن ڀاڱن ۾ تقسيسم ڪيو ويو آهي:

**پهريون باب:** مسلمانن جي سرواڻي ۽ خلافت جون آيتون

**ٻيون باب:** اهل‌بيتعليهم السلام جي فضائل بابت آيتون

**ٽيون باب:** صرف، عليعليه السلام جي فضائل بابت آيتون

***

تمام انهن عزيزن جو شڪر گذار ۽ ٿورائتو آهيان جن منهنجي هن اثر کي آماده ڪرڻ ۾ هر قسم جي مدد ڪئي، خصوصاً پنهنجي عزت واري اولاد، جن هن ڪتاب جي آماده ڪرڻ ۾ مون سان سهڪار ڪيائون ۽ پهريان ئي توهان قارئين جي اصلاحي تنقيد ۽ مفيد رٿن جو ۽.

اميد اها آهي تہ اسان هميشہ قرآن مجيد جي نور جي روشنيءَ ۾ صراط مستقيم تي هلون ۽ ان پاڪ اڳواڻن جي گفتار ۽ ڪردار جا پيروڪار هجون، تہ جيئن انهن هستين جون عنايتون اسان کي شامل حال ٿين.

آمين يا رب العالمين

«رَبَّنا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ أَنْتَ السَّمِيعُ العَلِيمُ»

حوزه علميه _ قم

ابوالقاسم عليان نژادی

تير مهينو 1380 هجري شمسي

ربيع الثاني 1422 هجري قمري

(جون، جولاءِ 2001 عيسوي)